**عصمت فاطمہ ويسر**
پي.ايچ. ڊي اسڪالر
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# ويراڳي ڪلام ۾ روحاني رهبر، گُروءَ يا مرشد جي اهميت: مختصر جائزو

# IMPORTANCE OF SPIRITUAL MASTER, GURU OR MURSHID IN WERAGI (ASCETIC) POETRY: BRIEF ANALYSIS

## Abstract

*Weragi* (ascetic) poetry is essence of mystic or devotional poetry – Murshid or Guru shows the way to enternal life. This research article is focused on importance of Spiritual Master (Murshid or Guru) in Weragi (ascetic) poetry.

All the mystic poets quoted in this paper, Pir Sadaruddin, Qazi Qadan, Shah Inaat, Shah Latif, Sachal, Saami, Rohal, Bedil and Nanik Yousuf are devotees of their Kamil Murshid or Spiritual Master.

Mystic, *Weragi* (ascetic) poets played role of bridge between different religions and cultural groups but most of followers were unaware about spiritual wisdom – in that situation Weragi (ascetic) poets guide then through their devotion and poetry and show them the path of religious harmony, love, peace and brotherhood.

Sufi or ascetic manage is mostly in verses which is important aspect of musical discourse-it inspired singers to sing mystic *Weragi* poetry to create spiritual atmosphere. These *Weragi* (ascetic) were not only poets, but social reformist also, and their wisdom is guidance for mankind.

ويراڳي ڪلام جي پنهنجي انفراديت ان حوالي سان بہ آهي تہ اهو لاسيڪي روايتن سان بہ جُڙيل آهي تہ تصوف جي فڪري رمزن سان بہ واڳيل آهي. اهوئي سبب آهي جو ان جا موضوع لڳ ڀڳ هڪجهڙا ئي آهن، جيڪي مجموعي طور تي انسانذات جي احساساتي، جذباتي ۽ روحاني امنگن جي ترجماني ڪندي محسوس ٿين ٿا. سڀني ويراڳي شاعرن جي واٽ هڪڙي ئي مرڪز ڏانهن ويندڙ نظر اچي ٿي. جنهن

ڪري ان قسم جي ڪلام جي اپياس لاءِ، اسان کي سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪي ۽ صوفياڻي روايتن جي پروڙ بہ ضروري آهي، ڇو تہ اهي سڀ هڪ ئي وڻ جون الڳ الڳ شاخون آهن. اسان جي ويراڳي صوفي شاعرن، اعليٰ انساني اوصاف کي تصوف جي معرفت ئي بيان ڪيو آهي. تصوف، سالڪ تي لڪل راز افشان ڪري ٿو. ويراڳي ڪلام جو وڏو حصو صوفياڻي مضمون تحت ئي آهي، جنهن ۾ خالق ۽ بندي جي وچ ۾ تعلق، مادي جسم ۽ روح جا رابطا، عبادت جو بنيادي فلسفو، ذڪر اذڪار ۽ بندگيءَ جا روپ وغيره اچي وڃن ٿا. اهو هر انسان جو ذاتي مسئلو آهي تہ هو پنهنجي لاءِ ڪهڙي عقيدي جي چونڊ ڪري ٿو. روشن خيال انسان، بنا ڪنهن مذهبي مت ڀيد ۽ نسلي فرق جي هر انسان جو احترام ڪندو محبت ڪندو آهي. هو ڪوشش ڪندو آهي تہ ڪو هن کان ناراض نہ ٿئي ۽ هن جي ڪنهن بہ عمل جي ڪري ڪنهن جي دل آزاري نہ ٿئي. هر انسان جي اندر ۾ هڪ ڪائنات هوندي آهي، جتي هو آزاد آهي. سڄي مخلوق خدا جي آهي ۽ عبادتن جا پنهنجا پنهنجا رستا آهن. سڄو فساد تڏهن شروع ٿئي ٿو جڏهن انسان پاڻ کي دُرست ۽ ٻين کي غلط سمجهي ٿو.

انسان جو جوهر اهوئي آهي تہ ڪنهن کي گهٽ نہ سمجهيو وڃي. ٻين جي لاءِ بہ اهو ئي پسند ڪجي، جيڪو پاڻ کي پسند هجي. ٻين جي مذهب ۽ مسلڪ جو احترام ڪيو وڃي. هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ ماورائي شعور (نفس) بہ آهي ۽ ان ماورائي شعور جي ڄاڻ تصوف ذريعي ممڪن ٿي سگهي ٿي. اهي سڀ عشق جون منزلون آهن ۽ ان کان سواءِ حاصل نہ ٿيون ٿي سگهن. ويراڳي ڪلام جا موضوع بہ بندگيءَ جي انهن مرحلن کان ٿيندا، عشق، طالب مطلوب، حسن ۽ جمال، آس اُميد، سوز ۽ فراق، نراس، لڇڻ تڙپڻ، انتظار تائين پهچي وڃن ٿا. زندگي ۽ فنا جي فلسفي کي بيان ڪندي، انسان جي اعليٰ اوصاف تائين بحث ڪن ٿا. انسان جي عظمت، هن جي عاجزي، انڪساري، نياز نئڙت ۽ ٻيون اهڙيون ڪيفيتون ۽ رويا ويراڳي فڪر جو موضوع آهن. ويراڳي ڪلام نہ صرف انهن داخلي انساني ڪيفيتن کي بحث هيٺ آڻي ٿو پر اهو فڪر عوامي سطح تي اجتماعي سوچ جو بہ آئينہ دار آهي. انڪري ان ويراڳي فڪر يا ڪلام کي فرد جي ذات تائين محدود نہ سمجهيو وڃي، پر ان ۾ مجموعي انسانذات جي ڪيفيتن جو بہ تذڪرو آهي، جنهن ۾ انسان جو سماج ۾ ڪردار، ان جي رهڻي ڪهڻي، سماجي حاصلات، عام مسئلا، روحاني مسئلا، رهنمائيءَ لاءِ رهبر جي ڳولا – اهڙي ڪامل رهبر يا اُستاد جي هدايتن جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جي مختلف مرحلن مان پار پوڻ جا تصورات – اهي سڀ انهيءَ فڪري دائري جا موضوع آهن.

مجموعي انساني سماج جي اهڙي اظهار ۾ ثقافتي روايتون بہ ان جو حصو بڻجي وڃن ٿيون. انڪري ويراڳي فڪر سماجي فراريت بجاءِ ان جو حصو بڻجي، ان

جو مطالعو ڪري ٿو. مثبت ثقافتي قدرن ۽ روايتن جي حمايت ڪري ٿو ۽ منفي روايتن کان ڏُور رهڻ جي تلقين ڪري ٿو. تڪبر، ڏيکاءُ، بناوت ۽ نمائشي انداز انسان جي روحاني زوال جو سبب بڻجن ٿا. اهڙو روحاني زوال انسان کي اندران ئي اندران کوکلو بڻائي ڇڏي ٿو ۽ اڳتي هلي اهو انسان جي معاشي ۽ سماجي زوال جو سبب بڻجي ٿو ۽ هن جو ڏيوالو نڪري وڃي ٿو. ان نسبت سان ويراڳي ڪلام انسانذات لاءِ هڪ وڏي وٿ آهي، جيڪو هر لحاظ کان ان لاءِ ڪارج وارو آهي. سومرن جي دؤر جي ڳنانن کان وٺي سچل سرمست، بيدل ۽ بيدل فقير جي ويراڳي فڪر تائين، هڪ تسلسل ۾ انهيءَ فڪر انسانن جي رهنمائي ڪئي آهي. هتان جي ڪلاسيڪي صوفي شاعرن تصوف جي ڇانوَ هيٺ، اهڙو بهتر ماحول پيدا ڪيو، جنهن ۾ هٺ ڌرمي يا تنگ نظريءَ جي ڪا به گنجائش نه هئي. ويراڳي شاعرن، سنگيت جي ساٿ سان، پنهنجي عارفاڻي فڪر کي، زخمي انسانيت لاءِ مرهم طور استعمال ڪيو. هنن جو مسيحائي ڪردار مايوس انسانيت لاءِ اُميد جو سبب بڻيو.

ويراڳي شاعرن وٽ گرو يا مرشد لاءِ وڏي عقيدت آهي، جنهن جي رهنمائيءَ هيٺ ئي هو معرفت جون منزلون پار ڪري سگهن ٿا. سومرن جي دؤر جا پير صدرالدين ۽ پير شمس جا ڳنان، روحاني رهبريءَ جو ڏس ڏين ٿا. اهي ڳنان، مذهبي ويچارن سمجهڻ ۾ مددگار ٿيا. پير صدرالدين ۽ پير شمس، اسلامي تعليمات کي آسان ڪري پنهنجن مريدن کي سمجهايو.

"پير صدرالدين جيڪي ڳنان جوڙيا، اُنهن ۾ قرآن شريف جو سچو فڪر ۽ فلسفو، هندوستاني ٻوليءَ ۾ ٻڌايو آهي." (1)

مرشد يا گروءَ جي رهبريءَ هيٺ ئي چيلو، زندگي گذارڻ جا گُر سکي ٿو ۽ مرشد هن کي اهڙو رستو ڏسي ٿو، جنهن تي هلي هو دنياوي زندگيءَ ۾ سڦلتا ماڻي ٿو ۽ نيڪي ڪري روحاني سُک به ماڻي ٿو.

پير صدرالدين فرمائي ٿو:

امراپوري تو پائيي، جو ستگر ساٿي هوءِ،
ستگر وِنا مڪتي نه پائيي، جو علم بهت پڙيا هوءِ،
ستگر ساٿي ڪيجئي،
تو تري سردي جنجال. (2)

جيڪڏهن مرشد جو ساٿ هوندو ته هر مراد پوري ٿيندي. علم ڪيترو به گهڻو چو نه هجي پر ستگر يا روحاني رهبر کان سواءِ مڪتي يا ڇوٽڪارو ملڻ مشڪل آهي. مرشد گڏ آهي ته سڀ پريشانيون، جنجال ۽ تڪليفون ڏُور ٿي وينديون آهن.

**پير صدرالدين** (1290 – 1409ع):

پير صدرالدين نہ صرف عالم دين هو، پر ويراڳي شاعريءَ ۾ بہ سنڌس وڏو درجو آهي. سنڌي، هندي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين تي مهارت رکندڙ هن مبلغ شاعر جي ڪلام ۾ تصوف ۽ ويدانت جون وڏيون رمزون آهن. هي پهريون شاعر هو، جنهن پنهنجي ڪلام کي گنان جو نانءُ ڏنو. ان موضوعاتي صنف جو گهاڙيٽو ڪافيءَ جي ويجهو آهي، جنهن کي سنگيت جو ساٿ وڌيڪ اثرائتو بڻائي پيش ڪري ٿو.

”هن بزرگ جي ڪلام جو دارومدار راڳداريءَ تي آهي. جماعت خانن ۾ سندس ڪلام توڙي ٻين بزرگن جو ڪلام باقاعدگيءَ سان ڳايو ويندو آهي.“ (3)

**مائي مرڪان شيخڻ:**

سومرن جي دؤر ۾ شاعره مائي مرڪان شيخڻ، جنهن پنهنجي مرشد شيخ ڦرهيي پانڌاريءَ جي شان ۾ ڳيچ چيا هئا، تنهن کي سنڌيءَ جي پهرين شاعره چيو وڃي ٿو. محمد سومار شيخ وڏي محنت سان، ڪشالا ڪري سندس ڪلام کي سهيڙيو آهي، جيڪو اڄ ۾ زباني طور عورتن کي ياد هو. محمد سومار شيخ لکي ٿو:

”مرڪان جي قديم ٻولي ۽ قديم شعر کي سمجهڻ لاءِ مون سيني پهلوئن تي روشني وڌي آهي. مون کي پروسو آهي تہ انهن پهلوئن کي ڏسڻ کان پوءِ مرڪان جي ڪلام سمجهڻ ۾ گهٽ دقت محسوس ٿيندي. منهنجي مهربان ماءُ ۽ ٻين شيخ پيئرن کان مرڪان شيخڻ جا ڳيا لکرايم.“ (4)

محمد سومار شيخ جي اها تحقيق، ان حوالي سان بہ اهميت جوڳي آهي تہ هن سنڌي ٻوليءَ جي پهرين عورت شاعره کي دريافت ڪيو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ:

”مرڪان سومرن جي زماني جي هڪ شاعره ٿي گذري آهي، جنهن پنهنجي مرشد پير شيخ ڦرهيي پانڌاريءَ جي واڪاڻ ۾ جيڪي گيت چيا آهن، سي شاعريءَ جي فن تي ايترا پورا نہ آهن، پر منجهن سِڪَ جو ٿمر سوايو آهي. هي گيت هڪ قسم جا منقبت آهن.“ (5)

مرڪان جي انهن بيتن ۽ ڳيچن ۾ سادگي ۽ عواميت آهي، پر اُهي اثر انگيز آهن ۽ اُهي ڳائڻ جي صورت ۾ محفوظ رهيا ۽ هڪ دؤر کان ٻئي دؤر تائين منتقل ٿيندا رهيا. مرڪان شيخڻ جو سڄو ڪلام ئي پنهنجي مرشد جي ساراهہ ۾ چيل آهي. شيخن وٽ مرشد جي اچڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿي ۽ شيخن کي مبارڪون چوي ٿي. مرشد جي مختلف شين جي شان ۾ ڳيچ چوي ٿي، جن مان سندس عقيدت ظاهر ٿئي ٿي. هن پنهنجي رهبر يا گروءَ پير ڦرهيل جي هندوري جو ذڪر تمام سهڻي انداز سان ڪيو آهي:

لوڏو ڏي، هير جو هندورو،
لوڏو ڏي، پير جو هندورو.
ڏورو ڦرهيل جو،
آهي ساري سون جو.
لوڏو ڏي، هير جو هندورو،
لوڏو ڏي، پير جو هندورو.
مور مرشد جا،
آهن ساري سون جا.
لوڏو ڏي، هير جو هندورو،
لوڏو ڏي، پير جو هندورو.
مريد پانداريءَ جا،
آهن ساري سون.
لوڏو ڏي، هير جو هندورو،
لوڏو ڏي، پير جو هندورو. (6)

ان ڳيچ ۾ سادگي آهي، هڪ احساس آهي ۽ عقيدت جا لفظ آهن. شاعراڻي خوبي نہ هجڻ جي باوجود، ان لوڪ ڳيچ ۾ جذبي جي شدت کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. هڪ ٻئي ڳيچ ۾ هن طرح اظهار ڪري ٿي:

بير ڦون منهنجي پير جون،
قلبان وچان،
سونهن سماع وچ،
جنين جو ثاني نڪو ٿُل. (7)

## قاضي قادن (وفات 1551ع):

قاضي قادن جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جو اهم اثاثو آهي. سندس عارفاڻي فڪر جو سنڌ جي شاعرن کان سواءِ صوفين، سنتن ۽ ويراڳين تي وڏو اثر ٿيو. شروعات ۾ سندس ست بيت سنڌ ۾ جتي ڪٿي مشهور ٿيا. بعد ۾ مشهور اديب هيري ٺڪر جي ڪوشش سان، قاضي قادن جي ڪلام جو وڏو ذخيرو هٿ آيو. سنتون کي وائي مان 118 بيت هٿ آيا، جن تي تفصيل سان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ لکيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي اها گڏيل تحقيق هئي، جنهن ۾ هن ٻيا بہ ماخذ ڇاڻيا آهن. قاضي قادن مرشد يا گروءَ لاءِ پنهنجن بيتن ۾ 'جوڳي' لفظ استعمال ڪيو آهي:

جوڳي جاڳايوس، سُتو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري. (8)

جوڳي سجاڳ ڪري، محبوبن جو گس ڏسيو. اهو ئي گس زندگيءَ جي حاصلات آهي. قاضي قادن مرشد جي رهنمائيءَ کي اهم سمجهي ٿو. هڪڙي بيت ۾ فرمائي ٿو:

جان جان سونہ پسن، جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا،
تان تان سنياسين، ورهہ وهامي راتڙي.

ان بيت ۾ جوڳين جي طلب واري ڪيفيت جو ذڪر آهي، جنهن ۾ جيڪڏهن هو ان سائينءَ کي نٿا پسن، جنهن ڪري هو جوڳي ٿيا آهن تہ انهن لاءِ هڪ رات بہ جڻ ورهيہ برابر آهي. اهڙن جوڳي فقيرن جو مطلب ئي محبوب جو مشاهدو ماڻڻ آهي. قاضي قادن وٽ مرشد يا گروءَ جو تصور اهوئي آهي، جيڪو ٻين صوفي شاعرن وٽ آهي.

## ميون شاهہ عنات رضوي:

سنڌي اساسي شاعريءَ جو هڪ اهم ۽ بنيادي شاعر آهي. سندس ڪلام کي ناليواري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڏي تحقيق بعد، ترتيب ڏيئي، 1963ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪرايو، جنهن بابت ڊاڪٽر صاحب ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

”هن تحقيقي ڪلام جي قلمي نسخن جو محفوظ رهڻ جڻ هڪ معجزو آهي ۽ ان جي اشاعت ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ هڪ وڏي انقلاب کان ڪنهن بہ پر ڪم نہ آهي. هن ناياب ذخيري جي شايع ٿيڻ سان، سنڌي شاعريءَ جي عروج جي تاريخ ۾ پنجاهہ سٺ سالن جو اضافو ٿئي ٿو.“ (9)

ڊاڪٽر بلوچ جي ان راءِ مان شاهہ عنات رضويءَ جي ڪلام جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندس ڪلام جا ڪيترائي موضوع آهن. مرشد يا گروءَ جي نسبت سان بہ انهن جي شاعريءَ جا ڪيترائي مثال موجود آهن

غوثان ختم بهاؤ دين، نبيان ختم رسول،
حاضر حضرت پير جو، مولىٰ در مقبول،
قادر ڪج قبول، آگلايون عِناتُ چئي.
(ص 90)

بيتن توڙي وائين ۾ شاهہ عنات ٻين پيرن بزرگن سان گڏ پنهنجي مرشد جي بہ گهڻي واکاڻ ڪئي آهي. اهڙو ئي عقيدت ۽ آس جو اظهار هن وائيءَ ۾ ڪيو اٿائون:

پير توکي پرتا، پانڌيئڙا پنجاب ۾،
بادشاهہ بهاؤ دين ڏونہ، حُبئون جي هلندا،

روضـو رُڪــن شــاهــ، ڏوري ســي ڏســنــدا،
ڪِـلـي ســپ ڪُـوهــ تــي، تــازا تــڙ ڪــنــدا،
اُتــي ســيــن عــنــات چــئــي، والــي وڙڪــنــدا.
پير توڪي پرتا.
(ص 99)

شاهہ عنات پنهنجي والد شاهہ نصرالدين جي مسلڪ جي پوئواري ڪندي قادري طريقي سان وابسته رهيو، پر هن ڪيترن ئي درويشن ۽ پيرن بزرگن سان پنهنجي عقيدت جو اظهار شاعريءَ ۾ ڪيو آهي.

ملتان جي سهروردي پيرن جي شان ۾ سندس شاعري موجود آهي. ان کان سواءِ قادري طريقي جي باني حضرت عبدالقادر جيلانيءَ سان مريد جي روپ ۾ عقيدت جو اظهار ڪن ٿا. جڏهن ته سکر جو شاهہ خيرالدين سندس ڪامل مرشد آهي، ان ڪري ئي پنهنجو رهبر ڪري مڃين ٿا.

"شاهہ خير الدين جي درگاهہ تي ميون شاهہ عنات جوانيءَ کان وٺي پيريءَ تائين ويندو رهيو ۽ انهيءَ ڪري عوام توڙي خواص ۾ شاهہ خيرالدين جي مريد جي حيثيت ۾ مشهور ٿيو. خانداني روايت موجب، ميون شاهہ عنات، شاهہ خيرالدين جو پورو معتقد ۽ قادري طريقي جو پائبند هو." (10)

سونهين شاهہ سکر ۾، بلند پير بجاءِ،
ڀون تون ڀاڄهاءِ، ته روشن هن راهہ ٿئي.
*(ص —105)*

جيئي شاهہ سکر ڏٺي، جنهن اسان جو سوال سُئو،
نيڪ گڏيس شاهہ نصر دين، جنهن تي خاصو نظر ڪئو
جيـنءَ ڀاڳـاتـائـيـن پـئـو، تيـنءَ عـنـاتـاٺـي اڳـرا.
*(ص —105)*

شاهہ عنات، شاهہ خيرالدين جنهن کي جيئي شاهہ به سڏيندا آهن، جي درگاهہ جي حاضري ڀريندو رهندو هو. انهن بيتن مان اِهو اظهار پڌرو آهي ته شاهہ نصرالدين تي مرشد جي خاص ڪرم نوازي هئي جو سندس دعا سان هن کي شاهہ عنات ڄائو. شاهہ عنات به پنهنجي والد جي مرشد جي سلامي ڀريندو رهندو هو.

## شاهہ لطيف ڀٽائي (1689 — 1752ع):

سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر جنهن جي فڪر جا ڪيترائي رُخ ۽ پاسا آهن، تنهن وٽ به گروءَ يا رهبر جو تصور موجود آهي. رهبر اهو ئي ٿي سگهي ٿو، جنهن وٽ دنياوي لالچ يا ڇيي جو فڪر نه هجي. سنياسي لاءِ اهو ضروري آهي ته هو ان ڳڻتيءَ

ڪان ڏور هجي.

جنهن سنياسيءَ سانيِيو، گندي ۾ گراهه،
انهيءَ ڪان الله، اجا آڳاهون ٿيو.
*(آڏواڻي—ص390)*

جا گُر ڏني گودڙي، سا مون کي ٿي مرڪ،
چيلا ماري چرخ، اوڍي ويهُه ادب سين.
*(آڏواڻي—ص393)*

گروءَ جي ڏنل گودڙي فخر لائق آهي ۽ اها رهبر پاران ڏنل سوکڙي ادب ۽ احترام سان پائڻي آهي. گودڙي تمثيل آهي رهبر جي هدايت جي، جنهن تي عمل ڪرڻو آهي. گروءَ جو ڏسيل گسُ ئي انسان کي سُک ۽ آنند عطا ڪري ٿو. لطيف سائينءَ وٽ گروءَ جو روپ، پاڳوند آهي، جنهن سان چيلي جي چڱائي جُڙيل آهي. مرشد يا گرو ٻه علامتي لحاظ کان، ويراڳين جي سٽ جو هڪ جُز آهي.

## منصورِ ثاني سچل سرمست (1839 — 1827ع):

سچل سرمست جو درجو ٻه ويراڳي سلسلي جي شاعرن ۾ مٿانهون آهن. درازا شريف جو اِهو صوفي حافظ عبدالوهاب، ميان صلاح الدين جو پٽ ۽ ميان صاحبڏني جو پوٽو هو. علم موسيقيءَ جي مهارت رکندڙ هن عظيم شاعر ڪافين کي سُرن جي آڌار تي جوڙيو آهي. سچل سرمست پنهنجي چاچي ۽ سُهري ميان عبدالحق جو مريد ٿيو ۽ هُن کان معرفت جا اسرار سمجهيا. سچل سرمست کيس ئي پنهنجو اُستاد مڃي ٿو، جنهن کيس پريت جي دڳ جو ڏس ڏنو هو.

مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن،
عارف عبدالحق آهي، صوفي صاف سين.
*(سچل سرمست جو سنڌي ڪلام)*

روز ازل اُستاد اسان نون، هڪ سطر پريت جي پاڙهي،
سا، مين دل دي تختي اُتي، چاهه وچون لک چاڙهي،
سچل عشق پيدا نا ٿيوي، کيا جو چٽي ڏاڙهي.

ٻئي هنڌ پنهنجي مرشد جي حوالي سان اظهار ڪري ٿو:

هڪ ڏهاڙي مرشد مينون، آپ ايوين فرمايا،
اِهو طريقه وحدت والا، سانون بهون خوش آيا،
سچل ڳالهه عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا.

ويراڳي ڪلام جو بنيادي رُڪن عشق ئي آهي، جنهن مان پوءِ ٻيون ڪيفيتون جنم وٺن ٿيون. سچل کي مرشد اهو ئي سمجهايو ته عشق کان سواءِ ٻيا سڀئي رستا بي مقصد آهن. اهو ئي پنڌ سجايو آهي. اهو ڏِگ اختيار ڪندين ته پوءِ شريعت ۽ طريقت به سمجهه ۾ ايندءِ، ٻيءَ صورت ۾ تنهنجو هر عمل بي فيض ثابت ٿيندو.

سچل رهبر جي رهنمائيءَ ۾ معرفت جون منزلون طئه ڪرڻ چاهي ٿو. هو روايتي پيري مريديءَ کي پسند نه ڪندو هو:

نه مان مريد نه مان پير، ساري فقر جو فقير،
نه مان حاڪم نه مان ظالم، آهيان امن جو امير.

ويراڳي شاعرن جو رستو فقيريءَ وارو آهي، جتن امن ۽ ايڪانت آهي، رواداري آهي. حاڪمن ظالمن واري وات کان هو هميشه پري ڀڄندا آهن، ڇو ته انهن وٽ انياءُ آهي، ناانصافي آهي. سچل سائينءَ به هميشه فقيرن جي ساٿ ۾ رهڻ چاهيو هو. اِها ئي صحبت وحدت ۽ هيڪڙائيءَ جي وات آهي.

## سامي (1743 – 1850ع):

ڀائي چين راءِ لنڊ جا افڪار "ساميءَ جا سلوڪ"، پريم ڀڳتي، گيان يوگ، محبت ۽ عشق جي ويچارن سان ڀريل آهن. سامي ڌرمي پيغام وسيلي سماجي اصلاح جي تحريڪ پنهنجن سلوڪن وسيلي هلائي، جنهن جا ڪيترائي رُخ آهن. خاص طور ڌرمي ايڪتا جو ماحول پيدا ڪرڻ ۾ هن جي سلوڪن وڏو ڪردار ادا ڪيو، جنهن جا سنڌي سماج تي گهرا اثر پيا.

> "مذهب جو فن ۽ شعر تي اثر، اها ڳالهه ته برابر، پر فن ۽ شعر جو مذهب تي اثر به گهاٽو ۽ گهڻو ٿئي ٿو، بلڪ سڄي تهذيب، يعني ڪنهن خاص سماج جي مادي ۽ ذهني (روحاني اُپت يا تخليق جو اثر مذهب ۽ پڻ رياست، ٻنهي تي لازمي طرح پوي ٿو." (11)

ساميءَ وٽ گروءَ جو به ٻين ويراڳي شاعرن جيان اصلاح ۽ رهنمائيءَ جو تصور آهي. ان سلسلي ۾ هو ساڌ سنگت، ساڌ سنگ ۽ گرمک جي عنوانن هيٺ روحاني رهبريءَ ۾ اصلاح جو تصور پيش ڪري ٿو. هن جي خيال موجب سچي ساڌوءَ، مها پُرش جي رهنمائي ۽ صحبت سان من جون مرادون پوريون ٿين ۽ ٻيڙا پار ٿي وڃن ٿا:

ساميءَ ڪري سوال، اهو ستگر سُور ڪي،
داتا منهنجي جيءَ مون، ڪٽي ڪلپت ڪال،
رهي نه رتيءَ جيترو، هومين رکي رول،
اندر ٻاهر لال، ڏسان هن اکين سان.

*(ساميءَ جا سلوڪ – 725)*

عجائب پرسن، ڪيو سک گروءَ ڪان،
وجي ڪيئن اندر مان سامي روڳ منن.
(ساميءَ جا سلوڪ — 725)

سامي سوالي، آيو سرن گروءَ جي،
برڌ سچاڻي پانهجو، پريت گروءَ پالي.
(ساميءَ جا سلوڪ — 725)

روئي ڳل پيو، سامي سيوڪ گروءَ جي،
ڏسي ڇَل مايا جو، پاري پيئہ تيو،
سهجي رمز سهي ڪري، ڪامل ڪرم ڪيو،
وٺي تتِ ويو، جتِ پرم پولائو ناهہِ ڪو.
(ساميءَ جا سلوڪ — 726)

چيتن سو، چيلو، جو سمجهي گيان گروءَ جو،
سامي ڳڻي ڪينڪي، وقت ۾ ويلو،
ممتاري ميلو، پل پل ڪري پرينءَ سان.
(ساميءَ جا سلوڪ — 726)

ساميءَ جو گُرو سوامي مينگهراج هو.

گروءَ جي رهنمائي چيلي لاءِ وڏي وٿ آهي ۽ گروءَ جي گيان کي سمجهڻ وارا چيلا ئي دل جي مراد ماڻن ٿا. جتي انهن کي ڪو بہ اُلڪو يا پريشاني نٿي رهي. رهبريءَ جو تصور سيني ويراڳي شاعرن وٽ پنهنجي پنهنجي انداز سان آهي.

**روحل فقير** (1734 — 1804ع):

ويراڳي شاعرن جي صف جو اهم صوفي شاعر آهي. هن جي شاعريءَ جا بہ عارفاڻا ۽ صوفياڻا موضوع آهن، جن جو مقصد پهريان پنهنجي اصلاح ۽ پوءِ خلق جي رهنمائي ڪرڻ آهي. پنهنجي رهنمائي ۽ بهتريءَ لاءِ هڪ مرشد ۽ گروءَ جي گهُرج رهي ٿي، جيڪو محبوب سان ميلي جو ڏس ڏئي، جو تہ اهي ويراڳي معرفت جا قائل آهن. رهبر کان سواءِ هو ان پاسي ڏي پير نٿا پائين. سنڌي ٻوليءَ جي اساسي شاعري اهڙن ئي ويچارن سان پري پيئي آهي. ڪيترين ئي ٻولين تي مهارت رکندڙ روحل فقير، هندي زبان تي بہ گهڻي دسترس رکندو هو. هيٺ ڏنل سنڌس هندي وائيءَ ۾ ڪامل مرشد جو ذڪر آهي، جنهن ڪيس روحانيت جي اهڙي منزل تي پهچايو آهي، جتي طالب ۽ مطلوب هڪ ٿي وڃن ٿا. اها اهڙي منزل آهي، جتي رَسڻ سيني جي وس جي ڳالهہ ناهي. جن ماڻهن جا روح بيمار هجن، جن جي دل تي ڪاراڻ هجي، اُهي انهن ويراڳي صوفين جي ڪيفيت کي سمجهڻ کان قاصر آهن.

"ڪافي"

لوڪ آکي روحل ٻوليندا،
ڪوئي آکي ذات زنگيجا،
نهين روحل نهين ذات زنگيجا،
اي ڪو سر الاهي هئي.
ڪفر اسلام ڏونهان توُن نيارا،
جيوين جل دي اندر ڏيکن تارا،
دل دريا وچ ڪيڏا اساڏا،
جيوين پاڻي وچ ماهي هئي.
ڪيئي ڪوڙا ڪيئي سچا سڏيندي،
رمز رندي دي نهين سمجهيندي،
اووڪ ڪيا ڄاڻن حال اسا ڏا،
جنهن دل داغ سياهي هئي.
ڪامل مرشد راهہ ٻتايا،
'روحل' وچين روح الله پايا،
آخر ذات ملي وچ ذاتين،
ڏيندا عشق اوگاهي هئي. (12)

**قادر بخش بيدل** (1815 – 1872ع):

پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم ۽ قادرالڪلام صوفي ويراڳي شاعر هو. سندس شاعراڻي عظمت پنهنجي جاءِ تي پر هڪ عالم ۽ بزرگ جي حيثيت ۾ هن جي شخصيت جا سماج تي وڏا اثر هئا. صوفياڻا ۽ عارفاڻا فڪر سان لبريز سندس شاعريءَ جون ڪيتريون ئي دريون ۽ روشندان آهن. اُها روشني، اونداهيءَ ۾ ڀٽڪندڙ انسانيت لاءِ رهنمائيءَ جو سبب آهي. صوفين وٽ گرو، مرشد يا روحاني رهبر جي وڏي اهميت ۽ عزت آهي. بيدل فقير بہ فڪري طرح سچل سرمست کان فيض ورتو ۽ سندس عقيدت ۽ شان ۾ اظهار ڪيو اٿائين. منصور ثاني جي اناالحق واري روايت کي بيدل بہ پنهنجي بيراڳي ڪلام ۾ ورجايو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ سندس نقش قدم تي هليو:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو،
مست سالڪ من سچو عارف اُتي اظهار هو،
برهہ جي برسات جو تنهن وير تي وسڪار هو،
ظاهر و باطن تنهين وٽ درد جو ڏڏڪار هو،

وجد وحدت جو سدا خاصو تهين خمار هو،
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو،
منجهہ سخن تنهن جي الوهيت سندو آثار هو،
جُنگ جذبي موَجَ مستيءَ ۾ مثل عطار هو،
قربدارن جي ڪٽڪ ۾، مرد منصبدار هو،
در تهين داتا جي بيدل پرتِ جو پينار هو. (13)

صوفين ۾ بيراڳين لاءِ ضروري ناهي تہ سندن مرشد يا گروانهن جي سامهون هجي، پر اُهي ڪيف ۾ وجد ۾ پنهنجي گروءَ جي افڪار معرفت بہ فيض حاصل ڪري سگهن ٿا. سچل سرمست جيان بيدل فقير جي قلندر شهباز سان بہ وڏي عقيدت هئي ۽ هو پنهنجي اشعار ۾ هن کي بہ پنهنجو رهبر تسليم ڪري ٿو ۽ ساڻس عقيدت جو اظهار ڪري ٿو:

خاڪي ڪيڙم ويس،
آهيان نہ تہ نور نيارو.
ڪاٿي سالڪ سڏريل،
ڪاٿي عين اويس،
سيوهڻ سجدا ٿو ڪريان،
بيدل ٿي درويش،
آهيان نہ تہ نور نيارو.
(ص 210)

ٿي آيس انسان،
آهيان اسرار عجائب.
بانهي ٻولي ناهہِ ڪا،
سارو سر سبحانُ،
نوحَ نبيءَ جي وسَ ۾،
تار ڪيم طوفانُ،
بيدل نالي ٿي ڪيم،
سجدو سيوستان،
آهيان اسرار عجائب.
(ص 210)

مرشد جي شهر ۾ بيدل فقير جا سجدا هن جي فڪري عقيدت کي ظاهر ڪن ٿا تہ هو روحاني طرح پنهنجي شاعريءَ ۾ ساڻس ڪيترو عقيدت جو اظهار جو ڪري ٿو.

**نانڪ يوسف** (1792 – 1853ع):

فقير يوسف جيڪو ويراڳ ڪاٽي نانڪ يوسف بڻيو، سا بہ سڀ سندس مرشد جي ڪرم فرمائي هئي. سندس خاندان جو پيري مريديءَ وارو سلسلو راڻيپور واري پير صالح شاهہ سان هو. فقير يوسف جي ويراڳي طبعيت ڪيس سچل سائينءَ جي اوتاري تي آندو ۽ اتان ئي کيس فقيريءَ جو رنگ چڙهيو.

ظاهر باطن آهي اهوئي، پيو تان ناهي ناهي،
نانڪ يوسف، يار سچل جو ڏس ڏنو ڪنهن ڏاهي.

نانڪ يوسف يار سڃاتو، درس درازين دلبر پاتو.
*(نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير، ص 78)*

داد ڪر مرشد اچي، يارو يتيمن يار تون،
آهي هت هت اوهان جو، دوست دم ديدار تون.
*(تنوير، ص 133)*

آهي مددگار مرشد، سچو مون نماڻيءَ سان هر حال همت سدائي،
محڪم سچو ساهہ ويساهہ تن تي توڪل سندي ڪمر جن ڪشائي.
*(تنوير، ص 114)*

مرشد مورت من نهاري، هنجون سوز سدائين هارين،
ڪال نہ ايندءِ دم سنياري، شوقئون شاهہ جيلانيءَ جو.
*(تنوير، ص 109)*

مت وٺ مرشد جي، رک هوش نہ ٿيءُ نٽڪو،
صاحب سڃاڻ من ۾ ناهي ڏور ڏيهہ ڀٽڪو.
(تنوير، ص 107)

نانڪ يوسف نيهڙو ڏس، نيڻن مرشد مڪو،
آءُ پڻ گهور گهور تن تان، جو عاشق تپو.
(تنوير، ص 68)

تون هڪو هردي رکين، عاشق عشق فتاح سان،
نانڪ يوسف چئي چڱائي، ۽ مرشد جي چاهہ سان.
*(تنوير، ص 147)*

”نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ اهي سڀ خوبيون آهن، جيڪي هڪ وڏي

صاحبِ طرز صوفي شاعر جي شعر ۾ هئڻ گهرجن. نانڪ يوسف جي انهن خوبين تي نظر ڪندي، اهو محسوس ٿو ٿئي تہ سرمستي سرچشميءَ جو هي رند شاعر پنهنجي دؤر جي همعصرن ۾ سڀني کان اڳرو هو ۽ سندس مقام سنڌي صوفياڻي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اهم آهي." (14)

سنڌ جا سمورا صوفي شاعر، ويراڳي هئا. سندن اساسي شاعريءَ جو سنڌي ادب ۾ وڏو درجو آهي. تصوف ۾ مرشد يا گروءَ جي ڪهڙي اهميت آهي، ان جو اظهار تقريباً سڀني ويراڳي شاعرن ڪيو آهي. جن شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن جي تسلسل ۾ بيدل فقير، بيڪس، دريا خان، خوش خير محمد هيسباڻي، عثمان فقير، سانگي، سوامي بسنت رام، رکيل شاهہ ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر آهن. جيڪي پنهنجي عارفاڻي فڪر جي اظهار ۾ پنهنجي رهبر، مرشد يا گروءَ جي ڇانوءَ کان پري نہ ويا آهن. عشق ۽ عرفان جي منزل تي پهچڻ ۾ انهن سڀني، رهنمائي ورتي ۽ ڪين محبوب جي رضامندي نصيب ٿي.

## حوالا:


1. گنان شريف، جلد اول، ريليجيس ايجوڪيشن بورڊ، گارڊن ايسٽ ڪراچي، 1991، ص — ب.
2. حوالو ساڳيو، ص — 96.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1977ع، ص 198.
4. شيخ، محمد سومار، "ڪلام مرڪان شيخڻ"، جيلاني پبليڪيشن، بدين، 1971ع، ص 16.
5. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، "ڪلام مرڪان شيخ"، جيلاني پبليڪيشن، بدين، 1971ع، ص 4.
6. محمد سومار شيخ، "ڪلام مرڪان شيخڻ"، ڀاڱو مرڪان شيخڻ جا ڳيچ، جيلاني پبليڪيشن، بدين، 1971ع، ص 4.
7. حوالو ساڳيو، صفحو 18.
8. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "قاضي قادن جو رسالو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1999ع، ص 165.
9. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "ميين شاهہ عنات جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1963ع، ص 1.
10. حوالو ساڳيو، ص 40.
11. جويو، محمد ابراهيم، "ساميءَ جا سلوڪ"، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، 2015ع، ص 647.
12. محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر، "صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع، ص 354.
13. اختر درگاهي، "بيدل سائينءَ جو رسالو"، بيدل يادگار ڪاميٽي، روهڙي، 2011ع، ص 189.
14. تنوير عباسي، "نانڪ يوسف جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2014ع، ص 47.